

# اميراهلسنت جو پھريون

# مديني جو سفر؟

سنڌي

پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: امير اهلسنت جو پهريون مديني جو سفر

ڇاپو پهريون ذي الحج 1442ھ جولاءِ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي پهرين سفرِ مدينه متعلق رسالو بنام

# اميراهلسنت جو پهريون مديني جو سفر

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوتِ اسلامي) شعبہ هفتہ وار رسالو

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوتِ اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## اميراهلسنت جو پهريون مديني جو سفر

پيش لفظ ........ 1
اميراهلسنت جو پهريون ........ 2
مديني جو سفر ........ 2
دعاءِ جانشين عطار: ........ 2
درود شريف جي فضيلت ........ 2
لڙڪن جو هار (حڪايت) ........ 2
واه ڇا ڳاله ڪجي مديني جي ........ 4
سفر حج ........ 5
عاشقِ مدينہ ........ 6
عاشقن جي عيد ........ 7
مديني جي حاضري جي خوشخبري ........ 9
حيرت انگيز معاملو ........ 10
اللّٰه وارن جو انداز ........ 11
مديني جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳاله ڪجي ........ 14
”مديني“ جي پنج اکرن جي نسبت سان مديني جون 5 خاصيتون ........ 15
مدينہ پاڪ ۾ پيرين اگهاڙو رهڻ ڪيئن؟ ........ 17
مديني ۾ پيرين اگهاڙي ........ 18
ڪاٿي واديءِ طويٰ ڪاٿي شهر مدينہ ........ 18

امير اهلسنت جي سنهرين ڄارين تي حاضري ........................ 20
محبوب کي مڃائڻ جو نرالو انداز .................................... 21
عاشقِ مدينہ جي مديني پاڪ سان باڪمال محبت! ................. 22
عاشقِ مدينہ امير اهلسنت جي پنهنجو وصيت نامو لکڻ کانپوءِ عاجزي
پري دعا ........................................................ 24

## پيش لفظ

عاشقن جي معراج مديني پاڪ جي حاضري جيتوڻيڪ سؤ ڀيرا به نصيب ٿئي پر پهرين حاضري جي پنهنجي ياد ۽ لذت هوندي آهي، 1980 ۾ اميراهلسنت پهريون ڀيرو مديني شريف جو سفر اختيار فرمايو، ان جا ڪيئي يادگار لمحا ۽ واقعا مدني چينل جي مقبول ترين سلسلي مدني مذاڪري وغيره ۾ بيان ٿيندا رهندا آهن، الحمدلله! هاڻي هن يادگار مديني جي سفر کي تحريري شڪل ۾ منظرِ عام تي آڻڻ جي ترڪيب بڻي آهي، جنهن جي پهرين قسط **"اميراهلسنت جو پهريون مديني جو سفر"** جي نالي سان آهي، الله پاڪ اخلاص ۽ استقامت عطا فرمائي ته جيئن مڪمل مديني جي سفر جون باقي قسطون به منظرعام تي اچي سگهن ته عاشقانِ رسول عاشقِ مدينه اميراهلسنت جا عشق و محبت ڀريا واقعا پڙهي دل ۾ جگر کي ٿڌو ڪن. الحمدلله! 21 صفحن جو هي رسالو تقريباً 12 ڪان وڌيڪ اسلامي ڀائرن ڪان رابطو ڪري واقعن جي تصديق ۽ تحقيق ڪرڻ ڪان پوءِ لکيو ويو آهي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا آهي اسان کي پنهنجي هن مقبول ٻانهي عاشقِ مدينه اميرِ اهلسنت جي صدقي مديني پاڪ جي سچي محبت نصيب فرمائي ۽ سبزسبز گنبذ جي سايي ۾ ايمان ۽ عافيت سان شهادت، خير سان جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مدینہ اِس لیے عطّارؔ جان ودل سے ہے پیارا
کہ رہتے ہیں مرے آقا مرے سرور مدینے میں

ابو محمدطاهر عطاري عفي عنه
(المدينة العلميه اسلامڪ ريسرچ سينٽر) شعبه هفته وار رسالہ

# اميراهلسنت جو پهريون مديني جو سفر

## دعاءِ جانشين عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”اميراهلسنت جو پهريون مديني جو سفر“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي باربار حج ۽ مديني پاڪ جي زيارت نصيب فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

مُسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت بيبي عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کان روايت آهي تہ منهنجي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جڏهن بہ ڪو ٻانهو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي تہ هڪ ملائڪ ان درود شريف کي مٿي کڻي ويندو آهي ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پهچائيندو آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي: هن درود پاڪ کي منهنجي ٻانهي جي قبر ۾ کڻي وڃو اهو درود شريف پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ استغفار ڪندو رهندو ۽ اُن (خاص ٻانهي) جون اکيون ان کي ڏسي ٿڌيون ٺينديون رهنديون. (جمع الجوامع،321/6،حديث:19461)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## لڙڪن جو هار (حڪايت)

ڪراچي جي هڪ خوش قسمت مديني جي مسافر حج جي سفر کان اڳ ۾ پنهنجي گهر ۾ ”محفل“ جو اهتمام ڪيو ۽ پنهنجي دوستن، رشتيدارن کي شرڪت جي دعوت ڏني. محفل جي آغاز ۾ ان حاجي

صاحب کي مٿن مائٽن گلن جا هار پارايا، ان بابرڪت ۽ پُرسوز محفل ۾ اُن حاجي صاحب جو هڪ زبردست عاشقِ رسول دوست به هو. جيئن ئي حاجي صاحب گلن جا هار پائي محفل ۾ حاضر ٿيو ته ان دوست جي اکين مان بي اختيار لڙڪ جاري ٿي ويا، پنهنجي حاجي دوست کي گلن جا هار پاتل ڏسي پنهنجي لڪيل ڳوڙهن جي سمنڊ کي روڪي نه سگهيو ۽ بي قابو ٿي زارو قطار سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. اهو پرڪيف منظر ڏسي اُن عاشقِ مدينه جي دل ۾ حسرت وڏي وئي ته افسوس! منهنجو دوست حج جي لاءِ روانو ٿي رهيو آهي ۽ مون وٽ مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ اسباب ناهن، (ڪاش! مان به مديني پاڪ جي سعادت ماڻيان ها)

یاد میں آقا کی آنسو بہہ گئے سب مدینے کو گئے ہم رہ گئے
ہم مدینے جائیں گے اَب کے بَرَس ہر برس یہ سوچ کر ہم رہ گئے

جڏهن ان حاجي صاحب کي حج جي لاءِ رخصت ڪرڻ جو وقت آيو ته اهو مديني جو سچو عاشق پنهنجي حاجي دوست کي الوداع ڪرڻ جي لاءِ به ويو، اُن عاشقِ مدينه جو چوڻ آهي: مان اميد ڀرين اکين سان مديني وڃڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول کي بحري جهاز ۾ مديني پاڪ ويندي ڏسي رهيو هيس. افسوس! صد هزار افسوس! پوءِ مان بيقرار دل سان واپس گهر جي طرف موٽيس. ڪيئي سال گذرڻ باوجود اڃا تائين انهن مديني جي پانڌيئڙن جي خوشين جو منظر مونکي ياد آهي.

زائرِ طیبہ! روضے پہ جاکر تُو سلام اُن سے رو رو کے کہنا
میرے غم کا فسانہ سُنا کر تُو سلام اُن سے رو رو کے کہنا

تیری قسمت پہ رشک آرہا ہے تُو مدینے کو اَب جا رہا ہے
آہ! جاتاہے مجھ کو رُلا کر تُو سلام اُن سے رو رو کے کہنا
جب پہنچ جائے تیرا سفینہ جب نظر آئے میٹھا مدینہ
با اَدب اپنے سر کو جھکا کر تُو سلام اُن سے رو رو کے کہنا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي اکين ۾ ڳوڙهن جون لارون وهائيندڙ، دل ۾ عشقِ مصطفٰي جو چراغ ٻاريندڙ، پنهنجي دل ۽ جگر ۾ مديني جي آرزو جو ڏيئو روشن ڪندڙ اهو حقيقي مديني جو عاشق جنهن پنهنجي ڪوشش سان لکين مسلمانن کي مديني جو ديوانو بڻايو، ان مردِ قلندر جو نالو "شيخِ طريقت امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه" آهي

ذکرِ مدینہ جاری لب پر سوزِ مدینہ بانٹتے اَکثر عشقِ طیبہ میں دیکھو تو لگتے ہیں سرشار
میرے مرشد ہیں عطّار میرے مرشد ہیں عطّار اِن شاءَ اللہ اِن کے صدقے ہو گا بیڑا پار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## واه ڇا ڳالھ ڪجي مديني جي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! عِلماءِ اهلسنت تہ هوندا ئي عاشقِ رسول آهن. رئيس التحرير حضرت علاّمہ مولانا اَرشد القادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حوالي سان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مرحوم رڪن حاجي زمزم عطاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان فرمايو هو تہ: حيدرآباد پاڪستان ۾ هڪ پيرو

علّامہ ارشد القادري صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ مسجد ۾ بيان جي لاءِ تشريف فرما ٿيا تہ محراب يا ان جي قريب ديوار تي لڳل مڪتبة المدينہ جو اسٽيڪر ”**واھ چا ڳالھ ڪجي مديني جي**“ تي نظر پيس تہ يڪدم مديني شريف جي محبت جو اهڙو غلبو ٿيس جو اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا پوءِ انهيءَ پرسوز انداز ۾ فرمايائون تہ جنهن جي تحرير ۾ ايترو اثر آهي تہ اُن شخص ۾ ڪيترو اثر هوندو.

الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

شاہ تم نے مدینہ اپنایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
اپنا روضہ اِسی میں بنوایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی

## سفر حج

**اي عاشقانِ رسول!** سفرِ حج ۽ زيارتِ مدينہ سڪون ۽ سرور وارو سفر آهي، الله پاڪ تمام عاشقانِ رسول کي پنهنجي پياري پياري حرم، ڪعبي شريف، منيٰ، عرفات ۽ مزدلفہ شريف ۽ ڪعبي جي ڪعبي سبز سبز گنبذ جي جلون سان مشرف فرمائي. يقين ڪيو! اهو سفر جيترا ڀيرا نصيب ٿئي ”**گهٽ**“ آهي، الله پاڪ پنهنجي پاڪ گهر ڪعبي شريف ۾ اهڙي ڪشش رکي آهي جو هتان کان موٽڻ جي دل ئي ناهي چاهيندي، موڪلاڻي وقت ائين لڳندو آهي جڻ ماءُ جي هنج مان ٻار کي کسي ورتو هجي ۽ مدينو تہ مدينو آهي، مديني جي تہ چا ڳالھ ڪجي اها کهڙي اک آهي جيڪا هن جي ديدار ۾ نہ روئندي هجي. ڪاش صد ڪروڙ ڪاش! باربار خير سان حاضري نصيب ٿئي.

وه مدينه جو کونين کا تاج ہے　　جس کا ديدار مومن کی معراج ہے
زندگی ميں خدا ہر مسلمان کو　　وه مدينه دِکھا دے تو کيا بات ہے

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪنهن طرف دل جي مائل ٿيڻ کي ”محبت“ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اها محبت شدت اختيار ڪري ته ان کي ”عشق“ چوندا آهن، جنهن سان عشق ٿي ويندو آهي ته ان جي هر شيءِ چڱي لڳندي آهي.

جان ہے عشقِ مصطفٰے روز فزوں کرے خدا　　جس کو ہو درد کا مزہ نازِ دوا اُٹھائے کیوں

## عاشقِ مدينه

**اي عاشقانِ عطار!** باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لڪين مسلمانن کي مديني پاڪ جي محبت ۽ شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عشق جو جام پياريو آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه واقعي عاشقِ مدينه ۽ حقيقي عاشق رسول آهن بلڪ اهو ئي نه الله پاڪ کين اهو مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو آهي جو وڏا وڏا عالم سڳورا کين عاشقِ مدينه ۽ سنتن جي زنده تصوير سڏين ٿا. توهان جي دلين ۾ اميراهلسنت جي محبت وڌيڪ وڌائڻ جي لاءِ ٻن عالم سڳورن جا تاثرات پنهنجي لفظن ۾ پيش ڪيان ٿو: هند جي مشهور عالمِ دين، شهزاده خليفه اعليٰ حضرت، غازيءِ ملت حضرت مولانا سيّد محمد هاشمي ميان اشرفي جيلاني مَدَّظِلُّهُ الْعَالِي فرمائن ٿا: منهنجو الياس قادري سان ڪو رت جو رشتو ناهي، جنهن مديني کي چڏي ڪري اسان جا ابا ڏاڏا هندستان ۾ اسلام ڦهلائڻ جي لاءِ آيا ”مون اهو سچو مدينو الياس

قادري جي سيني ۾ ڏنو آهي.“ اهو مدينو مدينو ڪندو رهي ٿو“ جنت البقيع ۾ مدفن ٿيڻ چاهي ٿو، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمۡ جي قدمن ۾ رهڻ چاهي ٿو، (انهن جو) عشق رسول، مديني شريف جي تمنا، محبت ۾ بڌل هڪ مزاج آهي. مان دعاڳو آهيان ته مولانا الياس قادري صاحب جي علم ۽ عمر ۾ برڪت عطا ٿئي ۽ اهلسنت و جماعت کي فيضانِ سنت سان فيضياب ٿيڻ جو شرف عطا ٿئي.
(ويڈيوکلپ اور اميرِاہلِ سنّت کے بارے میں 1163علمائے کرام کے تاثرات، ص738غیرمطبوعہ)

رَب کے ڈَر سے وہ رونا رُلانا ترا    وَجد میں ذِکرِ طیبہ پہ آنا ترا
جامِ عشقِ نبی وہ پلانا ترا    میرے ساقی کا شربت سلامت رہے

مفتيءِ سڪر، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد ابراهيم قادري مَدَّظِلُّہُ الْعَالِی فرمائن ٿا: الله پاڪ حضرت اميراهلسنت کي سلامت رکي، جن دعوتِ اسلامي جي نالي سان هڪ اهڙي ديني اصلاحي جماعت قائم ڪئي آهي، جنهن سان هزارين لکين ماڻهو وابستہ ٿي پنهنجي زندگي شريعت جي اتباع ۾ گذاري ڪري ۽ دلين کي حبّ محبوبِ مصطفيٰ سان لبريز ڪري پنهنجي سيني کي مدينو بڻائي رکيو آهي. (امیراہل سنت کے بارے میں 1163علمائے کرام کے تاثرات، ص30غیر مطبوعہ)

عشقِ نبی ملا ہے دِل پھول سا کھلا ہے    مَسلک مرے رضا کا عطّار نے دیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشقن جي عيد

اي سبز گنبذ جي آرزو رکڻ وارؤ! ڪنهن سچ چيو آهي تہ مديني وڃڻ جي لاءِ پيسن جي نہ ”سچي تڙپ“ جي ضرورت هوندي آهي،

جڏهن ٻانهو مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ بيقرار ٿي ويندو آهي ته حاضري جا رستا پاڻهي کلي ويندا آهن، وڏا وڏا مالدار، پيسي وارا ماڻهو ڏسندا رهجي ويندا آهن ۽ حقيقي مديني جو ديوانو پنهنجي مديني واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي در تي حاضر ٿي ويندو آهي.

کہاں کا منصب کہاں کی دولت، قسم خدا کی ہے یہ حقیقت
جنہیں بُلایا ہے مصطفٰے نے، وہی مدینے کو جارہے ہیں

ائين ئي ڪجهه مديني جي عاشق اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ٿيو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ننڍپڻ ئي کان نعت خواني ۽ مديني پاڪ جي حاضري جي ڪلام پڙهڻ، ٻڌڻ جو شوق هو. دعوتِ اسلامي ٺهڻ کان پهريان به پاڻ پنهنجي دوستن کان ملي ڪري ذڪرِ مدينه ۽ ذڪرِ شاهِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون محفلون سجائيندا هئا. خاص طور مفتي اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مديني جي ياد ۾ ٻڌل ڪلام:

بختِ خُفتہ نے مجھے روضے پہ جانے نہ دیا
چشم و دل سینے کلیجے سے لگانے نہ دیا

لاڳيتو بند ڪري پڙهندا هئا، محفل ۾ موجود عاشقانِ رسول تي خوب رقت طاري ٿيندي هئي ۽ وڏو پرڪيف منظر هوندو هو، آخرڪار اها خوبصورت گهڙي به آئي، 1400 هجري بمطابق 1980 عيسوي جي ڳالهه آهي ته اميراهلسنت جا ڪجهه دوست جيڪي عرب شريف ۾ رهندا هئا، انهن کي اميراهلسنت جي قلبي ڪيفيتن جو ڪجهه اندازو هو، انهن ملي ڪري اميراهلسنت کي پنهنجي خرچ تي مديني جي حاضري جي خوشخبري ٻڌائي.

اِس آس پہ جیتا ہوں کہدے یہ کوئی آکر چل تجھ کو مدینے میں سرکار بلاتے ہیں

## مديني جي حاضري جي خوشخبري

ٿيو ائين تہ اميراهلسنت جي ننڍپڻ جو هڪ دوست 1973 عيسوي ۾ مديني پاڪ شفٽ (يعني منتقل) ٿي ويو هو، ڪجھ عرصي کان پوءِ ڪجھ ٻيا دوست بہ حرمين طيّبين شفٽ ٿي ويا، هڪ پيرو سيئي دوست ويھي ڪچهري ڪري رهيا هئا تہ انهن مان سڀ کان پهريان مديني پاڪ ۾ حاضر ٿيڻ واري دوست سيني کي چيو: الحمدلله! اسان سيني مديني پاڪ جي زيارت ڪري ورتي آهي پر اسان جو هڪ دوست اجا تائين مديني شريف حاضر ناهي ٿي سگهيو چونہ اسان ملي ڪري کين اچڻ وڃڻ جي ٽڪيٽ جو انتظام ڪيون، منهنجو گهر مديني شريف ۾ حرم پاڪ جي ويجهو ئي آهي جڏهن اميراهلسنت مديني شريف ايندا تہ انهن جي رهڻ جو بندوبست مان پنهنجي گهر ۾ ڪري وٺندس ۽ مڪي شريف ۾ حاضري جي دوران مڪي پاڪ ۾ رهڻ وارن دوستن وٽ رهڻ جو انتظام ٿي ويندو. هاڻي رڳو اسان کي اچڻ وڃڻ جي ٽڪيٽ جو انتظام ڪرڻو پوندو، ان وقت پاڪستان مان مديني شريف جي ٽڪيٽ جو خرچ 5 هزار ريال هو. سيني دوستن پاڻ ۾ ملي ڪري رقم جمع ڪئي ۽ ائين امير اهلسنت جي مديني پاڪ جي حاضري جي نعمت جي حصول جي صورت بڻجي.

جب بُلایا آقا نے خود ہی انتظام ہو گئے

## حيرت انگيز معاملو

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي عاشقِ زار تي ڪرم فرمايو ۽ الحمدلله! بخير و عافيت عمري جي ويزا ملي وئي. مديني پاڪ جي حاضري جي خوشخبري تہ چا ملي ڄڻ انمول نعمت حاصل ٿي هجي. امير اهلسنت خوشيءَ وچان جهومي رهيا هئا. خوشي خوشي ٽريول ايجنٽ محمد سليم جيڪو پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وٽ نور مسجد ۾ ايندو ويندو هو ان کي ٽڪيٽ بڪ ڪرائڻ جو فرمايو. انهن جنهن ايئر لائن ۾ ٽڪٽ بڪ ڪرائي، اميراهلسنت ان ۾ سفر ڪونہ ڪرڻ چاهيو، الله پاڪ جي رحمت سان گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ محنت رنگ لاتو ۽ جنهن فلائٽ جي تمنا هئي اها بہ پوري ٿي ۽ ٽڪيٽ بڪ ٿي وئي. الله پاڪ جو ڪرم ڏسو! جو جنهن ڏينهن جنهن وقت اميراهلسنت جي فلائٽ اڏام پري، ان ڪان ڪجهہ ئي دير پهريان اها ايئر لائن بہ روانو ٿي جنهن ۾ هن ڪان پهريان اميراهلسنت جي ٽڪيٽ بڪ ٿي چڪي هئي. جده شريف ۾ خبر ملي تہ ان ايئرلائن ۾ باهہ لڳڻ سبب سيئي مسافر وفات ڪري ويا آهن. الله ڪريم! ان حادثي ۾ فوت ٿيل عاشقانِ رسول جي بي حساب مغفرت فرمائي. (جڏهن اميراهلسنت مدينہ پاڪ جي حاضري جي لاءِ ئي گهرايا ويا هئا.)

جسے چاہا دَر پہ بُلا لیا جسے چاہا اپنا بنالیا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

## تشويش دور ڪيو

هوڏانهن ڪراچي ۾ اميراهلسنت جي ڪجھ دوستن کي جڏهن ان جهاز جي حادثي جي خبر پئي ته اهي سمجهيا ته اميراهلسنت انهيءَ فلائٽ ۾ هئا تنهنڪري اهي تعزيت جي لاءِ ڪراچي ۾ سندن گهر اولڊ ٽائون مينادر آيا، جڏهن اميراهلسنت کي هن معاملي جي ڪنهن طرح خبر پهتي ته پاڻ دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي دوستن جي ذريعي ڪراچي اها خبر پهچائي ته الحمدلله مان خير و عافيت سان جده شريف ۾ آهيان.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اهو عرض ڪندو هلان ته جڏهن به سفر ڪيو ته خيريت سان پنهنجي گهربل منزل تي پهچي پنهنجي گهر اطلاع ڏيڻ گهرجي ته جيئن والدين ۽ ٻين عزيزن کي ڪنهن قسم جي پريشاني نه ٿئي نه ته ممڪن آهي ته ڪنهن سبب جي ڪري اهي توهان سان رابطو ڪري رهيا هجن ۽ رابطو نه ٿيڻ جي صورت ۾ پريشاني ۾ مبتلا ٿي وڃن. الله پاڪ اسان کي ايمان و عافيت سان سبزسبز گنبذ جي سائي ۾ شهادت، جنت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب ڪري. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## الله وارن جو انداز

غالباً 5 شوال المڪرم 1400ھ جي مبارڪ گهڙي اميراهلسنت جده ايئرپورٽ تي لٿا ته ڪيس خبر پئي ته سندن سامان ڪٿي گم ٿي ويو آهي، گهڻي تلاش ڪانپوءِ جڏهن بيگ نه مليو ته پاڻ دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه اهو سوچيو ته ”جان جي بدلي بيگ هليو ويو“ باقي جيڪو هٿ ۾

سامان هو اهو ڪٽي ڪسٽم روم کان ٻاهر تشريف آنڌائون ۽ جيڪي دوست ونڻ آيا هئا انهن سان گڏ گاڏي ۾ ويهي رهيا.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي هر فيصلي تي راضي رهڻ گهرجي، فضول شڪوه شڪايت ڪرڻ جو ڪو فائدو ناهي بلڪ تي سگهي ٿو مصيبت تي ملڻ واري اَجر کان محرومي ٿي وڃي، امير اهلسنت جي پياري پياري سوچ تي قربان! ڀاڻ الله پاڪ جي مقبول ٻانهن مان آهن، ٻي ملڪ ۾ پهچندي ئي پنهنجي سامان جو وڃائجي وڃڻ ڪيتري پريشاني جو سبب ٿئي ٿو هي اهو ئي سمجهي سگهي ٿو جنهن سان ڪڏهن ائين ٿيو هجي، ڀاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ايتري وڏي پريشاني جي باوجود شڪوه شڪايت نه ڪيائون ۽ اهوئي اسان جي بزرگن جو طريقو رهيو آهي جيئن ته تمام وڏي وليُّ الله حضرت سهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاه ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو ته چور منهنجي گهر ۾ داخل ٿي سڄو مال چوري ڪري ويو آهي. اهو ٻڌي ڀاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت حڪمت ڀري انداز ۾ ارشاد فرمايو: اهو شڪر جو مقام آهي جو چور آيو ۽ مال چوري ڪري ويو هلي، جيڪڏهن شيطان چور بڻجي اچي ها ۽ معاذالله توهان جو ايمان چوري ڪري هليو وڃي ها ته پوءِ ڇا ڪريو ها؟

الله ربُّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

زباں پر شکوۂ رنج و اَلم لایا نہیں کرتے    نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پنهنجي دل ۾ مديني جي حاضري جي تمنا رکڻ وارؤ! ٿورو تصور ڪيو تہ اهو وقت ڪيترو سهانو هوندو جڏهن اسان اهڙي گاڏي تي سوار هجون جيڪا مديني منوره ڏانهن وڃي رهي هجي ۽ اسان کي معلوم هجي تہ ڪجهہ دير کان پوءِ اسان واقعي حقيقت ۾ مديني پاڪ ۾ داخل ٿي وينداسين، اهي سبزسبز گنبذ جا جلوه، اهي مسجدِ نبوي شريف جا پررونق مينار، اهو مديني جو حرم، اهي سنهريون ڄاريون ۽ رياضُ الجنة جو حسين ۽ دلڪش منظر.... ڪاش.......

میں پُھول کوچُوموں گا اور دُھول کو چُوموں گا  جس وقت کروں گا میں دیدار مدینے کا
آنکھوں سے لگالوں گا اور دل میں بَسالوں گا  سینے میں اُتاروں گا میں خار مدینے کا

اي عاشقانِ رسول! حقيقي عاشقِ مدينہ اميراهلسنت ڪراچي کان مدينہ منوره جي ارادي سان سفر فرمايو هو سو انهيءَ ڪري حالتِ احرام ۾ ڪونہ هئا ڇوتہ جيڪو مڪي پاڪ جي ارادي سان ميقات ۾ داخل ٿئي تو ان جي لاءِ احرام ٻڌڻ ضروري هوندو آهي. (رفيق الحرمين، ص 327مفهوما) اميراهلسنت جي گاڏي جده شريف کان مديني پاڪ جهومندي روانا ٿي. هي اهڙو خوبصورت ۽ منفرد سفر هو جنهن کي ڪامل طور تحرير ۾ آڻڻ ناممڪن آهي ڇوتہ حقيقي مديني پاڪ جي ديواني جي دل جي ڪيفيتن کي لفظن ۾ ڪيئن تو شامل ڪري سگهجي. البتہ پنهنجي انداز ۾ سفرِ مدينہ جي ڪيفيت پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي. انهن ڏهاڙن ۾ عرب شريف ۾ نهايت گرم موسم هو ڇڻ سچ بہ عرب جي فضا جون خوب خوب برڪتون لٽائي رهيو هو. اميراهلسنت جنهن ڪار ۾ سوار هئا اُن ۾ ايئرڪنڊيشن هئي ۽ ٻاهر سخت تپش هئي پر حقيقي مديني جي

عاشق جي دل جون ڪيفيتون بيان ڪان ٻاهر هيون، ايئرڪنڊيشن ڪار ۾ ويهڻ جي باوجود پاڻ باربار ڪار جو شيشو کولي عرب جي صحراء مان لطف اندوز ٿيندا هئا. عاشقن جي محبوب جي شهر سان اهڙي طرح جو عاشقاڻو انداز ڪا نئي ڳالهه ناهي. محبوب جي گهٽين جي ذري ذري ڪان به اُلفت هوندي آهي.

آاِدھر روح کی ہر تہہ میں سمولوں تجھ کو     اے ہوا تُو نے تو سرکار کو دیکھا ہوگا

بهرحال گاڏي مديني پاڪ ڏانهن هلي رهي آهي ۽ نعت شريف هلي رهي آهي، ڇوته زندگي جو پهريون سفر هو ڪڏهن خوشي ۽ ڪڏهن دل ۾ هيبت واري ڪيفيت ٿي هوندي ڇوته عنقريب عاشقن جي بستي مدينه منوره ۾ حاضري آهي، ڪهڙي بارگاهه بي ڪس پناهه ۾ حاضري جو ارادو آهي، بهرحال ديوانگي جا به پنهنجا انداز هوندا آهن اسان ڪي ڪڏهن به ڪنهن جي ديوانگي تي اعتراض ۽ بري خيال ڪي دل ۾ نه آڻڻ گهرجي، نه ته ڪٿي ائين نه ٿي جو اسان هن عظيم دولت ڪان محروم ٿي وڃون.

نہ کسی کے رقص پہ طنز کر نہ کسی کے غم کا مذاق اُڑا
جسے چاہے جیسے نواز دے یہ مزاجِ عشقِ رسول ہے

## مديني جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳالهه ڪجي

اهو الفت جو حسين انداز ڪنهن معمولي شهر يا معمولي جڳهه سان ناهي بلڪ اهو اُن شهرِمدينه سان محبت جو اظهار آهي جيڪو سيني شهرن جو بادشاهه ۽ هتي تشريف فرما ٿيڻ وارو سيني نبين جو شهنشاهه آهي.

نبیوں میں جیسے افضل و اعلیٰ ہیں مصطفیٰ　　شہروں میں بادشاہ ہے مدینہ حضور کا

## ”مديني“ جي پنج اکرن جي نسبت سان مديني جون 5 خاصيتون

(1) سڄي زمين ۾ ڪو بہ اهڙو شهر ناهي جنهن جا نالا مبارڪ ايتري گهڻي تعداد ۾ هجن، جيترا مدينةُ المُنوّره جا نالا آهن. ڪن عالمن 100 تائين نالا لکيا آهن. (2) مدينہ شريف ۾ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلب مبارڪ کي سڪون ملندو هو. (3) هتان جي مٽي ۽ دز پنهنجي نوراني چهري تان هٽائيندا نہ هئا ۽ اصحابي سڳورن رَضِیَ اللّٰه عَنْهُم کي بہ ان کان منع فرمائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا: مديني جي خاڪ ۾ شفا آهي. (جذب القلوب ص 22) (4) جڏهن ڪو بہ مسلمان زيارت جي نيّت سان مديني شريف ايندو آهي تہ فرشتا رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن. (جذب القلوب ص 211) (5) سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مدينة المنوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ مرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي. (عاشقانِ رسول کی 130حکایات،ص261)

مدینہ مدینہ ہمارا مدینہ　　ہمیں جان و دل سے ہے پیارا مدینہ
سُہانا سُہانا دِل آرا مدینہ　　دِوانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ
یہ رنگیں فَضائیں یہ مہکی ہوائیں　　معطّر مُعَنبر ہے سارا مدینہ
وَہاں پیارا کعبہ یہاں سبز گنبد　　وہ مکہ بھی میٹھا تو پیارا مدینہ
ضِیا پیر و مرشد کے صَدقے میں آقا　　یہ عطّار آئے دوبارہ مدینہ

مديني جا ديوانؤ! ٿورو چاهه سان پڙهو! چوته هاڻي اها گهڙي اچڻ ئي واري آهي، جڏهن حقيقي مديني جو عاشق حقيقي طور مديني پاڪ جهڙي حسين ۽ دلڪش شهر ۾ داخل ٿيڻ لڳندو، هن ڪان پهريان جو اميراهلسنت جي گاڏي مديني پاڪ جي نوراني حدود ۾ داخل ٿئي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ڊرائيور دوست کي چيو ته مان گاڏي ۾ ويهي شهرِ مدينه ۾ داخل ٿيڻ نٿو چاهيان تنهنڪري جڏهن مديني پاڪ ۾ داخل ٿيڻ جو وقت اچي ته مونکي اڳ ۾ آگاهه ڪجو. شايد خير خواهي ۽ همدردي جي سبب اهو سوچيائون ته پاڻ ڪيئن پيادل اهڙي گرمي ۾ مسجد نبوي شريف پهچندا، سو ان دوست امير اهلسنت کي مسجدِ نبوي پرسان پهچي ٻڌايو: ”هي ڏسو اچي ويو مدينو شريف“ ۽ هيءُ رهيو ”سبزسبز گنبذ“

کیا سبز سبز گنبد کا خُوب ہے نظارہ ہے کس قدر سُہانا کیسا ہے پیارا پیارا
انوار یاں چھما چھم برسائیں اَبرِ پَیہم پُر نور سَبز گنبد پُر نور ہر منارہ

**مرحبا صد مرحبا!** سامهون سبز سبز گنبذ نور وسائيندو چمڪي رهيو هو، اهو ٻڌڻو هو ته مديني جو سچو عاشق جهومندو اهو چئي گاڏي مان لٿو ته منهنجو سامان اوهان سنڀاليو مان ته جنهن جي لاءِ آيو آهيان ان ڏانهن وڃان پيو. اميراهلسنت وجد ۽ سرور جي عالم ۾ جوتن ڪان بغير گاڏي مان لٿا، سندن لهڻو هو سو لهي ويا پر مديني شريف ۾ سبزسبز گنبذ مان سج به خوب فيضان ماڻي رهيو هو، گرمي ۽ تپش اهڙي هئي جو خاڪِ مدينه تي ڪو هلي ته ڏيکاري، جيئن ئي پاڻ زمين تي پير رکيائون ته تپش جي سختي پيڏين ڪان مٿي تائين محسوس ٿي رهي هئي. زمين تي پير رکڻ

مشڪل هو، زندگي ۾ ڪڏهن اهڙي تپيل زمين نہ ڏٺي هئي، آخرڪار پاڻ دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي ڳلي مان اڇي رنگ جو رومال لاٿو ۽ ان کي زمين تي وڇائي ورتو ڪجهہ قدم اُن تي هلندا هئا ۽ پوءِ بيهي رهندا هئا.

وَاروں قدم قدم پہ کہ ہر دَم ہے جانِ نو | یہ راہِ جاں فزا مرے مولیٰ کے دَر کی ہے
اللہُ اَکۡبَرَ! اپنے قدم اور یہ خاکِ پاک | حسرت ملائکہ کو جہاں وَضعِ سر کی ہے

## مديني پاڪ ۾ پيرين اگهاڙو رهڻ ڪيئن؟

**مديني جا ديوانؤ!** عاشقِ مدينہ جي پنهنجي آقا و موليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضري جو اهو تصوراتي منظر ذوق ۽ شوق کي وڌائيندڙ آهي جو آقا ڪريم جي گهٽين ۾ چپل بہ نہ پاتائون، ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي ذهن ۾ اهو وسوسو اچي تہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان بہ تہ عاشقِ رسول هئا پر اهي تہ مديني ۾ چپل پائيندا هئا اسان انهن کان وڌيڪ عاشقِ رسول تہ نٿا ٿي سگهون. هن حوالي سان عرض اهو آهي تہ واقعي اسان صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کان وڌيڪ عاشقِ رسول نٿا ٿي سگهون پر جيڪڏهن ڪوئي مديني پاڪ جي محبت ۽ تعظيم ۾ چپل نٿو پائي تہ شريعت ان کان روڪيو بہ ناهي بلڪ هن بابرڪت مقام جو ادب آهي ۽ مبارڪ مقام تي پيرن مان چپل لاهڻ جو ثبوت تہ قرآنِ ڪريم ۾ بہ موجود آهي. جيئن سيپاري 16 سوره طٰهٰ آيت نمبر12 ۾ آهي:

فَاخۡلَعۡ نَعۡلَيۡكَ ۚ اِنَّكَ بِالۡوَادِ الۡمُقَدَّسِ طُوًى ﴿۱۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ تون پنهنجا جوتا لاهہ بيشڪ تون طويٰ جي پاڪ وادي ۾ آهين.

حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسيرِ قرآن نورالعرفان ۾ هن آيتِ جي حوالي سان لکن ٿا: اَدب جي لاءِ جوتا لاهڻ”سنتِ نبوي“ آهي. ( نورالعرفان،ص498)

پاؤں میں جوتا،ارے! محبوب کا کوچہ ہے یہ ہوش کر تُو ہوش کر،غافل! مدینہ آگیا

## مديني ۾ پيرين اگهاڙي

ڪروڙين مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زبردست عاشقِ رسول هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ جي گهٽين ۾ پيرين اگهاڙي هلندا هئا. ـ(طبقات کبریٰ للشعرانی ،الجزء الاول، ص 76)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: ڪا رات اهڙي ناهي گذري جنهن ۾ مونکي الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مکي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نہ ٿئي هجي. (حلية الاولياء، 346/6)

دیوانے کو تحقیر سے دیوانہ نہ کہنا دیوانہ بہت سوچ کے دیوانہ بنا ہے
مستِ مئے اُلفت ہے مدہوشِ محبت ہے فرزانہ ہے دیوانہ دیوانہ ہے فرزانہ

**الفاظ معاني:** **مست:** گم. **مئے الفت:** محبت جو شراب. **فرزانہ:** عقلمند.

## ڪاٿي واديءِ طويٰ ڪاٿي شهر مدينہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ملڪ شام ۾ طور جبل جي ويجهو واقع پاڪ جهنگل طُوىٰ انڪري مقدس ۽ بابرڪت هو جو اهو انبياءِ ڪرام عَلَيهم السَّلَام جي گذرڻ جو مقام هو، انبياءِ ڪرام عَلَيهم السَّلَام جي گذرگاهہ جو جڏهن اهو مقام آهي تہ جتي سيني نبين جا سلطان تقريباً 10 سالن تائين ظاهري حيات سان تشريف فرما رهيا ۽ هينئر

ٻہ پنهنجي مبارڪ جسم سان اُتي ئي تشريف فرما آهن. هن مقام جي شان و عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي، وادي طويٰ انبياءِ ڪرام عليهم السّلام جي گذرگاهہ جڏهن تہ ڪائنات جو نگينو مدينو پاڪ آقاءِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رهائش گاهہ، هڪ راويت مطابق وادي طويٰ ۾ بعض نبين سڳورن جون مزارون بہ آهن جڏهن تہ مديني ۾ سڀني نبين جا سردار آرام فرما آهن، وادي طويٰ ۾ ڪليم الله سان خطاب ٿئي ٿو ۽ مديني پاڪ ۾ حبيب الله سان، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وادي طويٰ تشريف آندائون جڏهن تہ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪّي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مديني پاڪ هجرت جو حڪم ڏنو ويو، مطلب تہ مديني پاڪ جي عظمت ۽ شان بيان ڪرڻ اسان جي وس جو ڪم ناهي. شهنشاهِ سخن مولانا حسن رضا خان لکن ٿا:

بنا شہ نشیں خسروِ دو جہاں کا　　بیاں کیا ہو عز و وقارِ مدینہ
شرف جن سے حاصل ہوا انبیا کو　　وہی ہیں حسنؔ افتخارِ مدینہ

عاشقن جا امام، احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

ہشتِ خلد آئیں وہاں کسبِ لطافت کو رضاؔ　　چار دِن برسے جہاں ابرِ بہارانِ عرب

**الفاظ معاني:** ہشت: اٺ. خلد: جنت: کسبِ لطافت: تروتازگي وٺڻ. ابر: بارش. بہارانِ عرب: عرب جون بهارون. (هڪ ٻي شاعر نهايت پياري ڳالهہ چئي آهي:)

جب سے قدم پڑے ہیں رسالت مآب کے　　جنت بنا ہوا ہے مدینہ حضور کا
قدسی بھی چومتے ہیں ادب سے یہاں کی خاک　　قسمت پہ جھومتا ہے مدینہ حضور کا

## اميراهلسنت جي سنهرين ڄارين تي حاضري

اي عاشقانِ رسول! مديني جي انهيءَ سخت گرمي ۾ عاشقِ مدينہ اميراهلسنت مسجدِ نبوي شريف ۾ داخل ٿيا، جده شريف کان مدينہ شريف جي حاضري جي دوران، گاڏي ۾ مفتي اعظم هند رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪلام جو اهو شعر آتت ڏئي رهيو هو:

تھے پاؤں میں بے خود کے چھالے تو چلا سر سے      ہشیار ہے دیوانہ ہشیار ہے دیوانہ

**اي سبزسبز گنبذ جي ديدار جي تڙپ رکڻ وارؤ!** ٿورو غور تہ ڪريو! هڪ عام مسلمان بہ جڏهن پهريو ڀيرو مديني جي حاضري جي سعادت ماڻيندو آهي تہ خوب خوشيون ملهائيندو آهي، پوءِ جڏهن ان مؤمن ٻانهي جي معراج جو وقت اچي وڃي ۽ اهو سائي گنبذ هيٺ جنهن گنبذ کي سڄي زندگي تصويرن ۾ ڏٺو، نعتن ۾ ٻڌو، خوش نصيبن خواب جي وادين ۾ چميو هوندو آهي اهو جاڳندي حالت ۾، سامهون پنهنجا جلوه لٽائي رهيو هجي تہ ڇا خوبصورت منظر هوندو، سبحٰن الله! ڇا تہ اهو پرڪيف منظر هوندو. جڏهن حقيقي عاشقِ مدينہ اُن سبزسبز گنبذ ۽ نوراني مينار جو ديدار ڪيو هوندو ان وقت دل ۽ جگر جون ڇا ڪيفيتون هونديون، ڇا تہ ڳوڙهن جي لارن، آهُن ۽ هڏڪين جا آواز گونجهيا هوندا......

پیشِ نظر وہ نو بہار سجدے کو دِل ہے بے قرار      روکیے سر کو روکیے ہاں یہی امتحان ہے

جن عاشقانِ رسول عاشقِ مدينہ اميراهلسنت جي ذريعي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ سلام موڪليا هئا انهن جا سلام ۽ دل ئي دل ۾ نہ ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪيفيتون بيان ڪيون

هونديون، زندگي ۾ پهريون ڀيرو سنهري ڄارين جي حاضري اها بہ اهڙي ديوانگي واري ڪيفيت ۾، مرحبا صد مرحبا!

دل جي ڪيفيت بيان ڪرڻ کانپوءِ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه واپس مڙيا تہ اهي ٽي دوست جيڪي جده شريف کان وٺي آيا هئا سي مسجدِ نبوي شريف ۾ موجود هئا پوءِ پاڻ واپس پنهنجي رهائش گاهه جيڪا مسجدِ نبوي شريف کان ويجهو ئي هئي اُتي تشريف آندائون، جڏهن واپس پنهنجي رهائش پهتا تہ پاڻ زارو قطار روئڻ لڳا، هر عاشقِ رسول جي پهرين مديني جي حاضريءَ جون ڪجهہ نہ ڪجهہ خاص ڪيفيتون هونديون آهن، ڪنهن خوش ٿي ديدار جون خوشخبريون ماڻيون تہ ڪو روئندو آيو ۽ روئندو ئي رهيو، مديني جي ديوانگي جو هر اهو انداز جيڪو شريعت سان نہ ٽڪرائيندو هجي اهو اختيار ڪري سگهجي ٿو ۽ اها سعادت جي ڳالهہ آهي. الله ڪريم! اسان کي پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سچي عاشقن جي صدقي عشقِ مدينہ و عشقِ شاهہ مدينہ جي لازوال نعمت عطا فرماءِ.

ہے یہ فضلِ خدا، میں مدینے میں ہوں ہے اُسی کی عطا میں مدینے میں ہوں
یارسولِ خدا میں مدینے میں ہوں تم نے بلوا لیا میں مدینے میں ہوں
میری عید آج ہے میری معراج ہے میں یہاں آگیا میں مدینے میں ہوں

## محبوب ڪي مڃائڻ جو نرالو انداز

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقن جا انداز ئي نرالا هوندا آهن. ڪنهن (وقت جي عظيم الشان بادشاهه) محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي مديني جي حاضري جي دوران مسجدِ نبوي شريف ۾ فقيراڻو لباس

پائي، ڪلهي تي مشڪيزو (گلِي) ڪنيو حرم شريف جي پانڌيئڙن کي پاڻي پياريندي ڏسي چيو: ڇا توهان غزني جا شهنشاه ناهيو؟ هي ڇا حالت بڻائي اَٿوَ' جواب ڏنائين: مان شهنشاه ضرور آهيان پر غزني جو، هن دربار ۾ ته شهنشاه به فقير ۽ گداگر هوندا آهن. پڇڻ واري کي اهو ديوانگي ڀريو جواب ڏاڍو پيارو لڳو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ان ڏٺو ته مصر جو بادشاه شاهي شان و شوڪت ۽ رعب ۽ دٻدٻي سان اچي رهيو آهي، ان شخص اڳتي وڌي چيو: توهان ايتري وڏي جُراءت ڪئي! مديني پاڪ جي حاضري ۾ اهو شاهي دٻدٻو! مصر جي بادشاه به جيڪو جواب ڏنو اهو به سنهري حرفن سان لکڻ جهڙو آهي. مصر جي بادشاه چيو: اي سوال ڪرڻ وارا! اهو ٻڌايو هيءَ بادشاهي ڪهڙي هستي عطا ڪئي آهي؟ يقيناً مديني واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ئي عنايت فرمائي آهي. تنهنڪري شاهي تاج ۽ لباس سان حاضر ٿيو آهيان ته جيئن ڏيڻ وارو پنهنجي مبارڪ اکين سان ڏسي وٺي. (عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، ص51 )

جس دم سُوئے طیبہ سفر ہو آنکھیں تَر ہوں پھٹتا جگر ہو
اور عطا ہو سوزِشِ سینہ یااللہ مری جھولی بھر دے
سامنے جب ہو گنبدِ خَضرا قلب وجگر ہوں پارہ پارہ
بہہ نکلے اَشکوں کا دھارا یااللہ مری جھولی بھر دے

## عاشقِ مدينه جي مديني پاڪ سان باڪمال محبت!

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! روايت ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ شَيْئًا اَكْثَرَ ذِكْرَهٗ يعني انسان جنهن شيءِ سان محبت ڪندو آهي ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي. (شعب الايمان،1 /388، حديث: 501)

اهوئي سبب آهي جو اميراهلسنت جي فيضان سان عاشقانِ رسول ذڪرِ مدينہ ڪندا رهن ٿا، اميراهلسنت جي مديني پاڪ سان محبت جو مثال هن زماني ۾ ملڻ مشڪل آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ٻارن جي زبان تي بہ ذڪرِ مدينہ جاري ڪري ڇڏيو آهي، سندن رات ڏينهن جي لڳاتار ڪوششن سان ٺاهيل اسلامي دنيا جي سڀ کان وڏي اصلاحي ۽ ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي هن وقت دنيا جي ڪيئي ملڪن ۾ عاشقانِ رسول جي سينن ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ سنتون عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. الحمدلله! اها ديني تحريڪ تقريباً 80 شعبن جي ذريعي قرآن و سنت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، اچو! هاڻي توهان کي عاشقِ مدينہ اميراهلسنت جي محبتِ مدينہ سان رچيل بسيل انداز مان ڪجھ اهڙن شعبن جا نالا ٻڌايان جن جي نالي ئي ۾ ذڪر مدينہ ۽ ياد مدينہ جو خوب اظهار ٿيل آهي. اسلامي لٽريچر لکڻ واري شعبي جو نالو "المدينة العلميہ" مدني مرڪز جي مسجدن جو نالو "فيضانِ مدينہ"، درسِ نظامي عالم ڪورس ڪرائڻ وارن مدرسن جو نالو"جامعة المدينہ"، قرآنِ ڪريم حفظ و ناظره مفت ڪرائڻ وارن مدرسن جو نالو"مدرسة المدينہ"، اردو سميت ٻين تقريباً 30 کان وڌيڪ زبانن ۾ اسلامي ڪتاب پرنٽ ڪري سڄي دنيا ۾ دين جو پيغام عام ڪرڻ واري اداري جو نالو **"مكتبة المدينہ"** ٻارن کي دين سان گڏوگڏ دنياوي تعليم ڏيڻ واري اسڪول جو نالو **"دارالمدينہ"**، اردو، انگريزي ۽ بنگالي زبانن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري 100 فيصد اسلامي چينل جو نالو **"مدني چينل"** ۽ ديني ۽ دنياوي معلومات سان مالامال علمِ دين سکڻ جو لاجواب ۽ بيمثال

سوال ۽ جواب جو سلسلو ”مدني مذاڪرو“ (الله پاڪ! اسان کي اخلاص ۽ استقامت سان دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ عملي طور حصو وٺڻ نصيب فرماءِ.)

## عاشقِ مدينہ امير اهلسنت جي پنهنجو وصيت نامو لکڻ ڪانپوءِ عاجزي پري دعا

ڪاش! گناهہ بخشڻ وارو خداءِ غفار، مون گنهگار کي پنهنجي پياري محبوب جي طفيل معاف ڪري ڇڏي. اي منهنجا پيارا الله پاڪ! جيسيتائين زنده رهان عشقِ رسول ۾ گم رهان، ذڪرِ مدينہ ڪندو رهان، نيڪي جي دعوت جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهان، محبوب جي شفاعت ماڻيان ۽ بي حساب بخشيو وڃان، جنت الفردوس ۾ پياري حبيب جو پاڙو نصيب ٿئي. افسوس! ڪاش! هر وقت نظارهءِ محبوب ۾ گم رهان. اي الله پاڪ! پنهنجي حبيب تي بيشمار درود و سلام موڪل، سندن سموري امت جي مغفرت فرماءِ.

(مدنی وصیت نامہ،ص10بتغیرقلیل)

یاالٰہی! جب رضاؔ خوابِ گراں سے سر اُٹھائے     دولتِ بیدارِ عشقِ مصطفٰے کا ساتھ ہو

(هلندڙ........)

